#

## تبديليءَ جا قرآني محرڪ

# بشر ڪان انسان جي طرف ترقي

قرآن حڪيم ۾ انسان لاءِ ٻه مختلف لفظ استعمال ٿيا آهن. هڪ "بشر" ۽ ٻيو "انسان". جتي جتي ڪلام پاڪ ۾ لفظ "بشر" استعمال ٿيو آهي، ان مان مراد انسان بحيثيت نوع آهي. چوپاين جي ابتڙ "بشر" ٻن ٽنگن واري حيوان جو اهو نوع آهي جيڪو موجودات جي سلسلي جي ڪمال واري نڪتي تي ظاهر ٿيو ۽ تڏهن ڪان هاڻي تائين روءِ زمين تي موجود آهي. پر جنهن جاءِ تي قرآن انسان جو لفظ استعمال ڪيو آهي ان مان مراد رڳو حيواني نوع ناهي پر انسان معاشرت ۽ اجتماعي زندگي جي حوالي سان هڪ بلند ۽ منفرد حقيقت آهي ۽ اهڙين وصفن ۽ خاصيتن سان سينگاريل آهي جيڪي ڪنهن ٻي مخلوق ۾ ناهن. ڪائنات ۾ جيڪا به تخليق آهي سا الله تعاليٰ ڪُن جي حڪم سان پيدا ڪئي آهي. پر انسان جي لاءِ الله تعاليٰ فرمايو ته "خَلَقۡتُ بِيَدَيَّ" (ص:75) مان پنهنجي هٿن سان خلقيو "وَ نَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِهٖ (السجده- 9) پوءِ منجهنس روح ڦوڪيو." يعني روح جي عطا سان انسانيت جي شروعات ٿي.

انسان جو جوهر اها بلند حقيقت آهي جنهن کي انسانيت سان تعبير ڪيو ويندو آهي. "بشريت" انساني وجود جي طبعي سطح آهي. بشر لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي معنويت ڳولهي. بشر جي جدوجهد انسان بنجڻ جي جدوجهد آهي. تخليقي طرح ماڻهوءَ کي پنهنجي ٺهيل ٺڪيل شخصيت نٿي ملي پر هن کي جهد سان اها شخصيت ٺاهي، انسانيت جي ڪمال طرف وڌڻو آهي. اهوئي سبب آهي جو انسان بنجڻ جو عمل مسلسل ارتقائي عمل آهي، ڇاڪاڻ ته انساني ڪمال جا امڪان لامحدود آهن.

انهيءَ ڪري ئي محسن انسانيت فرمايو آهي ته "علم حاصل ڪريو پينگهي ڪان وٺي قبر تائين." يعني جيستائين اوهان ۾ زندگيءَ جا ساهه آهن تيستائين تلاش ۽ جهد جاري هجي ۽ ان سان ئي اوهان انساني ڪمال طرف وڌندا ويندؤ.

تعمير انسانيت جي سطح تي ڏنو وڃي ته الله تعاليٰ انسان کي ٽن اهڙين نمايان ۽ بنيادي خاصيتن سان نوازيو آهي جيڪي کيس ڪائنات جي ٻي سموري مخلوق ڪان ممتاز بڻائن ٿيون. اهي ٽي خاصيتون هي آهن:

**1- خود آگاهي**

رَبُّنَا الَّذِيۡۤ اَعۡطٰى كُلَّ شَيۡءٍ خَلۡقَهٗ ثُمَّ هَدٰى (طٰهٰ- 50)

"منهنجو رب اهو آهي جنهن هر شيءِ کي ان جي بناوٽ ڏني ۽ کيس ان بناوٽ پٽاندڙ رهنمائي عطا ڪئي."

#

## 2- آزاد ارادي ۽ چونڊ جي صلاحيت

اِنَّا هَدَيۡنٰهُ السَّبِيۡلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّ اِمَّا كَفُوۡرًا (الدهر-3)

"بيشڪ اسان ڪيس سڌو دڳ ڏسيو (هاڻي هو) شڪر ڪندڙ ٿئي يا بي شڪر."

## 3- تخليق جي صلاحيت

عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ (العلق-5)

"اهي ڳالهيون انسان کي سيکاريائين جيڪي نہ ڄاڻندو هو."

فَتَبَارَكَ اللّٰهُ أَحۡسَنُ الۡخَالِقِيۡنَ (المؤمنون-14)

"تخليق جو عمل ڪندڙن ۾ الله سيني کان بابرڪت ۽ بهترين پيدا ڪندڙ آهي."

قرآن انهيءَ معنيٰ ۾ الله کان علاوه خالقن کي بہ تسليم ڪري ٿو. انسان جو اهو تخليقي عمل ئي آهي جيڪو کيس حيوانات کان ممتاز ڪري ٿو ۽ الله جو خليفو ۽ الله جو رفيق بڻائي ٿو. تنهنڪري جنهن انسان ۾ تخليق (Creation) جي صلاحيت ناهي ۽ پنهنجي انهيءَ سمويل صلاحيت کي عمل ۾ نٿو آڻي اهو حيواني سطح جي زندگي بسر ڪري ٿو۽ انهيءَ انسان جي طرف پنهنجي جهد جو سفر شروع ڪيو ئي ناهي.

انسان جون ٻيون سموريون صلاحيتون انهن ٽنهي صلاحيتن جون شاخون آهن. خودآگاهي انسان کي صحيح ۽ آزاد چونڊ جي صلاحيت عطا ڪري ٿي ۽ خود آگاهي ۽ آزاد ارادي جي بدولت انسان انهن شين کي ٺاهي سگهي ٿو جيڪي فطرتي طرح موجود نہ آهن.

جيڪي شيون انسان جي انهن مقامات جي رسائي ۾ رڪاوٽ آهن انسان تي لازم آهي تہ انهن رڪاوٽن کي هٽائي انهن خاصيتن کي پنهنجي اندر سموئي. قرآن جا بجا انهن رڪاوٽن جي نشاندهي ڪري ٿو جيڪي انسان جي انسان بنجڻ جي عمل ۾ آڏو اچن ٿيون ۽ انسان کي خودآگاهي کان محروم ڪن ٿيون. جيڪي رڪاوٽون ان جي آزاد ارادي ۽ چونڊ ۾ مخل بڻجن ٿيون ۽ جيڪي رڪاوٽون ان جي تخليقي صلاحيتن تي پردا وجهن ٿيون.

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي زندگيءَ کي قرآن هڪ وڏو نمونو ڪري پيش ڪيو آهي. هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي شخصيت جي شعور کي اهڙو ماڻي ورتو جو هُن پنهنجي چوڌاري وقت جي جابر ۽ غاصب قوت نمرود جي غلاماڻي زندگيءَ جي گهيراءُ ۽ وقت جي ناحق ۽ گمراهيءَ جي علامت آذري طريقي جي گهيراءَ کان ڪرڀ ۽ خار کائڻ شروع ڪئي. هُن جي انسانيت جاڳي پئي ۽ خدا جي غلاميءَ کانسواءِ ٻئي جي غلاميءَ تي هُن نہ صرف خار کائڻ شروع ڪئي پر پنهنجي عمل سان پاڻ کي ان جي مقابل ڪيو.

سندس پيءُ، آذري بت پرست دين جو امام هو ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام آزاد ارادي جي خداداد صلاحيت سان پنهنجي گهر ۾ پنهنجي خانداني اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ انهيءَ آذري دين جي لاءِ چيلينج بڻجي

#

اپريو. هُو پنهنجي سماج سان بغاوت جي انتهائي آزمائشن مان گذريو تہ نتيجي ۾ کيس سڄي دنيا جي متقين جي لاءِ امام ڪري چونڊيو ويو ۽ کيس هڪ وڏي انساني ملت جو بانيڪار بڻايو ويو.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي انهيءَ اعليٰ مرتبي جي پنيان هُن جي عشق جو اهو جذبو ڪارفرما هو جنهن سان ايثار ۽ قربانيءَ جو مجسمو بڻجي سڄي انسانيت لاءِ هڪ نموني جي طور تي سامهون آيو. ائين دين حنيف جي جوڙجڪ سان هو انساني دنيا جي ماڻهن جي لاءِ اهڙو مثال بڻجي ويو جو ماڻهو جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي عبديت جي اظهار ۾ بہ حضرت ابراهيم عليه السلام سان نسبت قائم رکڻ جو شرط رکيو. هو اهڙو مثال بڻجي ويو جو سڄي دنيا جا توحيد پرست حضرت ابراهيم عليه السلام جي طريقي تي مڪي جي وادين ۾ الله تعاليٰ جي محبت سانديي ابراهيمي ديوانگيءَ کي ورجائي پنهنجي فدائيت جو عهد ۽ اقرار ڪن ٿا تہ قبوليت جا دروازا انهن جي لاءِ کلي پون ٿا#